1. محمد وقار نواز مغل
2. ڊاڪٽر محمد مدثر نواز مغل

# حڪيم فتح محمد سيوهاڻي سنڌي زبان جو پهريون مسلم، نثر ۾ سيرت رسول الله ﷺ بابت لکندڙ سيرت نگار

# Hakeem Fateh Muhammad Shehwani as a First Muslim Biographer of Holy Prophet Peace Be Upon Him in Sindhi Prose


## *Abstract:*

*Hakeem Fateh Muhammad Sehwani (1883–1942 A.D.) was one of the most popular and prestigious writers and leading educators in Sindh. He had written sixteen books on different topics in Sindhi prose. He had the honour to became the first muslim prose writer of biography of Holy Prophet ﷺ peace be upon him. His three books, namely Fateh-e-Muhammadi, Hayat-un-Nabi, and Ikhlaq-un-Nabi, are considered masterpieces of the Holy Prophet's life in Sindhi language. He tried to write not only in the Sindhi language but also in Urdu and the Persian language.*

*In his early life, he adopted the pen name "Saghir", but after some time, he adopted his title as "Hakeem" because of his family profession. His first book was published under the name Fateh-e-Muhammadi in the year 1911 A.D. In this book, he denied the objections and allegations of a Christian anonymous writer against the Holy Prophet and Islam. Fateh-e-Muhammadi is considered the master piece among all his works. His second book, Hayat-un-Nabi, describes important events in the Holy Prophet's life from primary sources, and the third book, namely Ikhlaq-un-Nabi, was about the teaching of the Holy Prophet on ethics. In this article, the introduction of Hakeem Fateh Muhammad Sehwani's work on the life of the Holy Prophet ﷺ is discussed.*


**Key words**: *Hakeem Fateh Muhammad Sehwani, Fateh-e-Muhammadi, Hayat-un-Nabi, Ikhlaq-un-Nabi, Anonymous Hyderabadi writer, first Biography of Holy Prophet ﷺ in Prose of Sindhi language.*

---

[1]. جي. اي. ايس. ٽي، گورنمينٽ ايليمينٽري اسڪول، پنو سولنگي، ضلعو نوشهرو فيروز.
[2]. محقق، ليکڪ.

سونهاري سنڌ ۾ سنڌي عالمن، اديبن دانشورن مسلم توڙي غير مسلم اهل قلم نبي پاڪ ﷺ جن جي شان اقدس ۾ پنهنجي پنهنجي علم مطابق بهترين نظم توڙي نثر ۾ خراج عقيدت پيش ڪيو آهي جنهن جو ابتدائي طور تي ته عربي و فارسي زبان ۾ هيو پوءِ آهستي آهستي سنڌي ۾

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي(1690-1760ء) ۽ مخدوم عبدالله نرئي واري جهڙن بلند پايہ عالمن شروع ڪيو. ائين آهسته آهسته اهو سلسلو نظم سان گڏوگڏ سنڌي نثر ۾ شروع ٿيو. نثر ۾ سيرت رسول الله ﷺ تي ڪم ڪرڻ وارن ۾ ابتدائي طور تي جن خوش نصيبن جو نالو اچي ٿو انهن ۾ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي (م1941) بہ هڪ آهي.

اهو يقيني آهي تہ سنڌي زبان ۾ مسلمانن ۾ سڀ کان پهريون جنهن ماڻهو نثر ۾ سيرت رسول الله ﷺ بابت پنهنجي قلم کي سرخرو ڪيو. اهو حڪيم فتح محمد سيوهاڻي هيو. هن جو ڪتاب . *فتح محمدي* 1911ء ۾ شائع ٿيو. سنڌ جي قديم شهر سيوهڻ ۾ حڪيم صاحب جا وڏا آباد هئا.

”حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جو نالو فتح محمد سندس ڏاڏي جي نالي پويان رکيوويو هو.“(1) غلام محي الدين عباسي جي گهر ۾ 1300 هجري بمطابق 1883ع ۾ هي عظيم سيرت نگار پيدا ٿيو. حڪيم صاحب سنڌي زبان ۾ 16 ڪتاب لکيا. پاڻ نہ صرف سنڌي نثر ۽ نظم ۾ طبع آزمائي ڪئي پر عربي فارسي ۽ اردو ۾ بہ لکيو پاڻ هڪ سني مصنف سان گڏوگڏ دانشور، سياستدان ۽ شاعر پڻ هئا. شاعري ۾ ابتدائي ڏينهن ۾ پنهنجو تخلص "صغير" بعد ۾ "حڪيم" رکيائين. پاڻ مولانا محمد صديق کڏي واري جي مدرسي سان تعلق رکندا هئا، سنڌ جي مشهور و معروف سياستدان سيدالهندي شاهہ جنهن کي سنڌ جو سر سيد احمد خان بہ چيو وڃي ٿو جي ٻارن جو اتاليق بہ ٿي رهيا سندس انتقال 1942ع ۾ ٿيو. حڪيم صاحب پنهنجي تصنيفات جو ذڪر پنهنجي ڪتاب "نورالايمان" ۾ ڪيو آهي. سندس تي مسزشمس عباسي مقالو لکي ڊاڪٽريٽ جي سند ورتي آهي مقالي جو عنوان "مولانا حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جي شخصيت، علمي، ادبي ۽ سياسي خدمتون" هي مقالو سنڌي ادبي بورڊ پاران 1988 ء ۾ ڊيمي سائيز جي 266 صفحن ۾ ڇپيو آهي حڪيم صاحب جي ٻين اهم تصنيفات سان گڏ سنڌي ادب ۾ هڪ اهم ڪتاب "آفتاب ادب" نالي سان آهي جيڪو پاڻ پيرومل مهر چند آڏواڻي (1876-1953ء) ۽ مرزا قليچ بيگ (1855-1929ء)کان متاثر ٿي لکيو.“(2) فتح محمدي، حيات النبي، اخلاق محمدي، مثنوي داستان قوم، قلندر نامہ (احوال لعل شهباز قلندر) نورالايمان، ڪمال ۽ زوال (ابن خلدون جي مقدمي مان چونڊ ترجمو)، ميرن جي

صاحبي، بهار ڪلام عرف بهار اخلاق، ابو الفضل ۽ فيضي، آفتاب ادب، دينيات جا ٽي ڪتاب، دل ۾ گياءُ ڪندڙ مناجات، خدا هڪڙو آهي، سنڌ جي تاريخ (پهريون حصو) اسلامي ڪتاب پنج ڪتابچا سندس مشهور ۽ معروف لکڻيون آهن“.(3) پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۾ هندو اديبن ۾ پرمانند ميوا رام ۽ مسلمان ۾ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي نظم ۽ نثر ۾ لکڻ جا ماهر هئا انهن جو لکڻ جو انداز انتهائي عالماڻو هئو.“(4) ڊاڪٽر محمد ادريس سومرو جي مطابق سڀ کان پهريون سنڌي زبان ۾ نثر ۾ سيرت رسول الله ﷺ تي قلم کڻڻ وارو حڪيم فتح محمد سيوهاڻي هو.“(5) حڪيم صاحب جون سيرتِ رسول الله ﷺ تي ڪيل ڪم جو مختصر جائزو فتح محمدي

از حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جو هي ڪتاب شيخ محمد عبدالعزيز ولد شيخ محمد سليمان شائع ڪرائي ڪتاب جي ڪور تي سن 1911ع تحرير آهي ۽ هي ڪتاب ٽڏهن جي انگريزي قانون موجب 1867ع جي ايڪٽ تحت رجسٽرڊ ٿيل آهي هي ڪتاب وڪٽوريا پريس سکر مان ڇپيو ڪتاب ڊيمي سائيز جي 100 صفحن تي لکيل آهي ڪتاب ۾ چار باب ۽ هڪ ضميمو آهي مصنف هي ڪتاب دراصل 1910ع ۾ ئي لکي پورو ڪري ڇڏيو هو. هي ڪتاب لکڻ جو سبب دراصل 53 صفحن ۾ لکيل ڪتاب "قرآن جي بنياد" از گمنام حيدرآبادي شخص پاران اسلام ۽ آقاءِ تاجدار رحمت العالمين محمد مصطفي ﷺ جي خلاف زهر آلود ۽ گمراهه ڪن باطل پروپيگينڊا تي ٻڌل ڪتاب جي رد ۾ تحرير ٿيل آهي. سيوهاڻي صاحب تعجب جو اظهار ڪندي پنهنجي ڪتاب جي مقدمي ۾ ئي تحرير ڪري ٿو ”ته ڇا آزادي اظهار راءِ جو مقصد اهو آهي ته. ڪنهن به مذهب جي رهنمائن ۽ مقدس هستين کي توهين جو نشانو بڻائيجي!“(6) وڌيڪ لکي ٿو ته ”اهو زهر آلود ڪتاب منظر عام تي اچڻ ڪانپوءِ هر ڪو ماڻهو سنڌ ۾گمنام حيدرآبادي کي گهٽ وڌ ته ڳالهائي رهيو هو پر سندس ان ڪتاب جو علمي نقطهءِ نظر سان ڪوبه جواب تحرير نه ڪيو ويو، حالانڪ سنڌ ۾ چوٽي جا جيد عالم موجود هئا. سو سواءِ حافظ حاجي مولوي ميراسدالله تڪڙائي (م1344ھ) جنهن هڪ ڪتاب هن جي رد ۾ لکڻ پي چاهيو جنهن جو نالو "فهم الاسلام" هو، جيڪو هن حيدرآبادي جي جواب ۾ هجي هان پر "فتح محمدي" جي منظر عام تي 1911ع تائين اهڙو ڪو به ڪتاب عام و خاص وٽ نه پهچي سگهيو هئو.“(7)

حڪيم صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ وڌيڪ انڪشاف ڪندي ٻڌائي ٿو ته ڪتاب "اسلام جي بنياد" هڪ هندو نامعلوم عامل لکيو جنهن پنهنجو مذهب هندومت ڇڏي عيسائي مذهب اختيار ڪيو هو سيوهاڻي صاحب حيرت جو اظهار

ڪندو لکي ٿو ته انهي نو عيسائي پنهنجو مذهب ڇڏيندي ئي اسلام خلاف توهين آميز ڪتاب لکيو ۽ وري عورتن وانگر پنهنجو نالو به پردي ۾ رکيائين. (8) انهي نامعلوم حيدرآبادي جو ڪتاب مقدمي ۾ چاربابن تي مشتمل هئو جنهن ۾ جيڪي هن دين اسلام ۽ قرآن تي اعتراض والاريا هئا انهن کي اعتراض چوڻ ئي درست ناهي هابس اهو صرف هن گمنام حيدرآبادي جي جهالپ ۽ تعصب جو نتيجو آهي هو قرآن جي آيتن کي سياق ۽ سباق کان هٽي ڪري پيش ڪري ٿو، ۽ سواءِ هن شخص جي عقل تي افسوس جي علم ۽ تحقيق کان اٽڃاٽائي ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه ناهي . ڇاڪاڻ ته اول ته هي نامعلوم حيدرآبادي ڪنهن به مذهب تي جرح ۽ تنقيد ڪرڻ جي اصولن کان ئي ناواقف آهي انهي ڪري ئي سيوهاڻي صاحب ڪتاب جي شروعات ۾ ئي "اصول معقول" نالي سان عنوان قائم ڪري هن گمنام حيدرآبادي جا خود ساخته گهڙيل الزامن جا جواب ڏيندو ويو آهي نه صرف ايترو پر گمنام حيدرآبادي جا اٺاريل اعتراض به نقل ڪندو هر هڪ تي جواب ڏيندو ويو آهي. سيوهاڻي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ سنڌ واسين کي هن گمنام حيدرآبادي جي ڪتاب تي گهڻو فڪر مند نه ٿيڻ جي صلاح ڏني آهي ڇاڪاڻ ته هوڄاڻي پيو ته اهڙي قسم جو زهر آلود گمراهه ڪن مواد برصغير ۾ خصوصي طور تي پنجاب ۾ ۽ مستشرقين يورپ ۾ اڳ ۾ ئي ڪندارهيا آهن پراهل حق علماءِ انهن جا جواب انتهائي عالماڻي ۽ تحقيقي انداز ۾ ڏيندا رهيا آهن (9) سيوهاڻي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ "اصول معقول" جي صفحي نمبر 6 کان 16 تائين ڪل 31 اصول بيان ڪيا آهن، جيڪي ڪنهن به مذهب جي حق ۽ باطل هجڻ جي وضاحت ڪن ٿا. سي کان پهريون اصول هو ڪنهن به مذهب جي سچائي ۽ الهامي هجڻ جو توحيد رباني جو عقيدو هجڻ کي قرار ڏئي ٿو ٻيو اصول پاڪ رسولن جو اچڻ اهڙي ئي نموني وضاحت سان هر هڪ اصول کي کوليندي 31 اصول بيان ڪري ٿو. ڪتاب مان ڪجهه اقتباسات

"حيدرآبادي:- قرآن مان معلوم ٿئي ٿو ته اسلام تي عيسائي مذهب جو تاثر ڪوٿورو ڪو نه ٿيو". سيوهاڻي صاحب جواب ڏيندي لکي ٿو ته.

"جواب:- زرو به ڪونه بلڪ اسلام جا گهڻا تورا ۽ احسان عيسائي مذهب تي آهن جن مان وڏو وڏو ته هي تورو ۽ احسان آهي جو يهودين مقابلي ۾ اسلام عيسائين جي طرف داري ڪئي باوجود يڪه تي عرب جي ملڪ ۾ يهودي زور هوا ۽ عيسائين جا دشمن هوا ته اسلام وري زور سان هي ڳالهه ثابت ڪئي ته حضرت يحيٰ عيسائي مذهب جو باني هو برابر خدا جو نبي هو ۽ حضرت عيسيٰ بيشڪ نبي الله، عبدالله، روح الله، ڪلمته الله هو.(10)

## حيات النبي

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جو هي ڪتاب پهريون سن 1914ع مطابق 28 جمادي الاول 1322ھ ۾ شائع ٿيو، هن ڪان پهريون حڪيم صاحب جو ڪتاب فتح محمدي ڇپجي چڪو هو.حڪيم صاحب پنهنجي هن ڪتاب کي بابن ۾ تقسيم نہ ڪيو آهي پر حيات النبي جو اسلوب ۽ انداز ابن هشام جي سيرتِ ابن هشام وانگر آهي. ڪتاب جي ابتداءِ حڪيم صاحب جي ديپاچي سان ٿئي ٿي ۽ ان ڪانپوءِ رسول الله ﷺ جي دنيا ۾ اچڻ جي ضرورت، عرب جا حالات رسول الله ﷺ جي ولادت با سعادت، محمد نالو، رضاعت، ولده ماجده جي وفات، ڏاڏي محترم جي رحلت، چاچي حضرت ابو طالب جي پرورش ۾ اچڻ، شام ملڪ ڏانهن سفر ۽ بحيره راحب جا انڪشافات، مڪي ۾ امين نالي سان مشهور ٿيڻ ۽ سيده بيبي خديجتہ الڪبٰري سان نڪاح مهل رسول الله ﷺ جي عمر، ٻڪريون چارڻ، ڪعبتہ الله جي نئين سري سان تعمير، حجراسود جو نصب ٿيڻ، الله پاڪ جي قدرت جو ويچار،نبوت جي بشارت، ورقہ بن نوفل عيسائي جي حضور پاڪ ﷺ جي نبوت جي گواهي ڏيڻ، وضو ۽ نماز جامسئلا، سورت المدثر ۽ سورت المزمل جو نزول، پهريان مسلمان، سروليم ميور ۽ ڊاڪٽر اي سپرنگر جي شاهدي رسول الله ﷺ جي صداقت بابت، سويد بن سامت جو ايمان، يثرب جي ماڻهن کي دين اسلام جي دعوت، اياس بن معاذ، طفيل بن عمرو دوسي، ابو ذر غفاري جي ايمان آڻڻ جو بيان،نماز جو فرض ٿيڻ، هجرت جا سبب، بيعت عقبہ اول جا شرط، بيعت عقبہ ثاني ۽ معصب جي تبليغ، اسيد جو اسلام قبول ڪرڻ، مڪي جي ڪافرن جو دارالندوه ۾ حضور پاڪ ﷺ کي شهيد ڪرڻ جو منصوبو ۽ مديني ڏانهن هجرت، حضور ﷺ ۽ حضرت ابو بڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنہ غار ثور۾،اُم معبد وٽ ڪجھ گهڙيون رڪجڻ ۽اُم معبد جو نعت، سابقون اولين، بريده جو پنهنجي لشڪر سميت اسلام قبول ڪرڻ قبا ۾ رهائش، پهرين نماز جمعہ، مسجد نبوي جو نهڻ، آذان جي ايجاد، هجري سن جي بنياد، يثرب جي يهودين جو آخري نبي جو انتظار ڪرڻ، حضور اقدس ﷺ جو حضرت عيسيٰ بن مريم عليہ السلام جي باري ۾ خدا جو نيڪ بندو ۽ رسول ﷺ هجڻ باري ۾ عقيدو، مديني جا منافق، مهاجرين ۽ انصار جو پائيچارو انساني تاريخ جو بيمثال ڪارنامو، ميثاق مدينہ، مڪي جي قريش جو سازشون، جنگ بدر، جنگ احد، حضرت حمزه ۽ حضرت مصعب جو راهہ خدا ۾ شهيد ٿيڻ، بيعت رضوان، صلح حديبيہ، مڪي جي فتح، غزوه حنين، غزوه موتہ، غزوه تبوڪ، حضور پاڪ ﷺ جو عجم و عرب جي حاڪمن ڏي خط موڪلڻ، حجتہ الوداع، قبر پرستي ڪان سختي سان جهلڻ، رسول الله ﷺ جي مالي حالت وفات مهل، حضرت فاطمتہ الزهرا، سيده

عائشہ صديقہ، حضرت عمر فاروق، حضرت ابوبڪر صديق، حضرت علي ڪرم الله وجهہ جي حالت رسول الله ﷺ جي شهادت مهل جهڙن موضوعات کي انتهائي احتياط ۽ تحقيق سان سنڌي نثر ۾ منتقل ڪيو آهي.

## اخلاق محمدي

حڪيم فتح سيوهاڻي جي هي ڪتاب 1916ع ۾ ڇپيو ڪتاب جو موضوع ئي انساني اخلاق آهي نبي پاڪ ﷺجنهن جي تلقين پنهنجي امت کي ڪندا رهندا هئا ۽ محدثين انهن حديثن کي اڄ وارن نسلن لاءِ محفوظ ڪيو آهي. هي ڪتاب حڪيم صاحب جي ٽيون نمبر تصنيف آهي جنهن جو موضوع سيرت رسول الله ﷺ آهي. حڪيم صاحب پنهنجي هن ڪتاب کي حيات النبي ﷺ ڪتاب جو ٻيو جلد پڻ چيو آهي(11)

حڪيم صاحب پنهنجو هي ڪتاب لکڻ لاءِ جن ڪتابن جي مدد ورتي آهي تن ۾ قرآن ڪريم، شفافي تعريف المصطفيٰ از قاضي عياض، شرح الشفا از علامہ علي قاري زاد الميعاد ، زاد الميعاد از علامہ ابن قيم، رياض الصالحين ازعلامہ نووي مع شرح مولانا احمد دين، انسان العيون في سيرت الامين المامون المعروف بہ سيرت حلبي از علامہ برهان الدين الحلبي، سيرت النبويہ والا آثار المحمديہ ازسيد احمد زين دحلان، احياءِالعلوم از علامہ امام غزالي، وسائل الوصول ، الشمائل الرسول از علامہ يوسف بن اسماعيل ، سيرت الامام ابن هشام المعروف سيرت هاشمي از ابو محمد عبدالمالڪ بن هشام، رحمت العالمين از قاضي محمد سليمان سلمان منصورپوري. آخر الذڪر ڪتاب ڪانسواءِ پاڻ سڀ عربي ابتدائي ماخذات مان حوالا ڏنا آهن

انهي مان حڪيم صاحب جي علمي استقامت ۽ ابتدائي ماخذن مان حوالاجات مان گڏ ڪري ترتيب ڏيئي سهڻي نموني پيش ڪرڻ جو بخوبي اندازو ٿئي ٿو گڏوگڏ سندس عرق ريزي بہ صاف صاف ظاهر آهي. ڪتاب اخلاق محمدي1916ع کان پوءِ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 1978ع ، 1986ع ۽ 1995ع ۾ ڇپائي سنڌي پڙهندڙ لاءِ مفيد اضافو ڪيو. سن 2018ع ۾ هن ڪتاب جو سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي بہ ديده زيب ڪور سان ڊيمي سائيز جي 124 صفحن ۾ شائع ڪيو ڪتاب جا اهم موضوع انبياءِ عليہ السلام جا اخلاق خاص طور حضور پاڪ ﷺجن جا اخلاق حميده ، حضور ﷺ جن جي اخلاقن جو تفصيلي بيان ، حضور ﷺ جن جي اخلاق ڪريم جي ثابتي قرآن ڪريم مان وغيره اهم موضوعات آهن.

هي ڪتاب پهريون ڀيرو 06 شعبان المعظم 1334هہ بمطابق 05 جون1916ع ۾ مڪمل ڪيو ويو.

## ڪتاب مان اقتباس

"حضور جن ڳالهائڻ جا اهڙا تہ منا هوندا هئا، جو ٻڌندڙ ڪي موهي ڇڏيندا هئا . سندس وات مبارڪ مان جيڪي ٻول نڪرندا هئا تہ ٻڌندڙ ائين ڀائيندو هو تہ جڻ موتي پيا هارجن. پاڻ لفظ ٿورا مگر گهڻي معنيٰ وارا ڳالهائيندا هئا پاڻ ٻين وانگر تڪڙو ڪين ڳالهيائيندا هئا. سندن ڳالهائڻ اهڙو چٽو ۽ صاف هو جو ٻڌندڙ فقط ٻڌي سمجهي سگهندا هئا . بلڪ دل تي ويهاري ۽ ياد ڪري سگهندا هئا، پاڻ جيڪي چوندا هئا يا جيڪا بہ نصيحت ڪندا هئا، سابڌندڙن جي دلين تي اهڙو اثر ڪندي هئي جو وري وسرڻ مشڪل ائين تہ ڪڏهن ڪونہ ٿيو جو پاڻ ڪجهہ فرمايو هجين ۽ ماڻهن نہ سمجهيو هجي." (12)

انهن ابتدائي ڪاوشن جي بدولت علمِ سيرت سنڌي زبان ۾ پاڪستان جي علائقائي زبانن مان ۾ سرس ترقي ڪئي آهي جيڪا اڄ ڏينهن تائين جاري و ساري آهي ۽ اهل علم و اهل عقيدت حضور خاتم المرسلين ﷺ سان عقيدت ۽ بي لوث محبت جو اظهار ڪندا رهن ٿا.

## حوالا:


1. عباسي، مسزشمس "مولانا حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جي شخصيت علمي، ادبي ۽ سياسي خدمتون" سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو حيدرآباد سنڌ 1988 صفحو نمبر 10
2. پريم، هدايت " سنڌي ٻولي جا محقق" سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو حيدرآباد 1994ع ص ص 32،33
3. الانا، غلام علي "سنڌي نثر جي تاريخ" سنڌي ساهت گهر حيدرآباد 1999ع ص139، عباسي، مسزشمس "مولانا حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جي شخصيت علمي، ادبي ۽ سياسي خدمتون" سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو حيدرآباد سنڌ 1988 ص ص 72-75
4. عباسي، مسزشمس " مولانا حيڪم فتح محمد سيوهاڻي جي شخصيت علمي، ادبي ۽ سياسي خدمتون" سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو/ حيدرآباد سنڌ 1988 ص 83
5. سومرو، محمد ادريس ، ڊاڪٽر "سنڌي ۾ لکيل اسلامي ڪتابن جو تنقيدي تجزيو 1947-1987)" سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو 2012 ص 239

6. سيوهاڻي، حڪيم فتح محمد ابو الحامد صغير سيوستاني عباسي" فتح محمدي" ناشر شيخ محمد عبدالعزيز، وڪٽوريا پريس ، سکر 1911 ص ص 1-5
7. ساڳيو ص 02
8. ساڳيو ص 03
9. ساڳيو ص 04
10. ساڳيو ص 05
11. ساڳيو ص ص 53،52
12. سيوهاڻي،حڪيم فتح محمد "اخلاق النبي ﷺ " سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو1995ع ص "ج"